# ڏکايل امت جي خيرخواهي

06-September-2018



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڏکايل امت جي خير خواهي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو- ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون- اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي- "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضورِاڪرم،نورِ مجسم، رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: الله پاڪ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن ملندا آهن ۽ مصافحو ڪندا آهن ۽ نبي ڪريم (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تي دُرودِ پاڪ موڪلين تہ انهن جي جُدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جا گناهہ معاف ڪيا ويندا آهن- (مُسْنَدُ اَبِي يعْلي،٣/٩٥،حديث:٢٩٥١)

ڪعبہ کے بدر الدُّجیٰ تم پہ کروروں دُرُود طیبہ کے شمسُ الضُّحیٰ تم پہ کروروں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني

مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي کنهن بہ نيک عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيک، اوترو ثواب بہ وڌيک.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيک لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو تي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس-

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! اڄ اسان آقا ڪريم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **ڏکايل اُمّت جي خيرخواهي** جي باري ۾ بزرگانِ دِين جا واقعا ٻڌنداسين، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جا اُمّت جي خيرخواهي بابت ڪجھ واقعا، سندن ذڪرِ خير ۽ خيرخواهي جي تعريف بہ ٻڌنداسين، هن بابت حديث سڳوريون بہ هتي بيان ڪيون وينديون- ان سان گڏوگڏ امير **اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة سميت ٻين بزرگن جي خيرخواهي جا ڪجھ واقعا ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ مدني گل بہ ٻڌنداسين- خير خواهي جا **دنيوي ۽ اخروي فائدا** پڻ ٻڌنداسين- الله ڪري تہ دِلجمعي سان اسان اوّل کان آخر سنين سنين نيتن سان بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون-

**بعض اسلامي ڀائر** بيان دوران تسبيح جي ذريعي ذِڪر و درودشريف وغيره پڙهندا رهندا آهن، **ياد رکو!** هي هن جو موقعو نہ آهي، اسان جيئن تہ علمِ دِين سکڻ جي نيت سان هتي گڏ ٿيا آهيون تہ بيان دوران سڄو ڌيان بيان ڏانهن ئي هئڻ گهرجي، هونءَ علمِ دين سکڻ تي مشتمل بيان ٻڌڻ بہ ذِڪرُ الله ئي ۾ شامل آهي-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہ جي هڪ خاندان جي فرياد رسي

هڪ رات اميرُالمُؤمنين حضرت سيدنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہ مديني شريف جو دورو ڪري رهيا هئا تہ سندن نگاهہ هڪ خيمي تيِ پئي، جڏهن ويجهو ويا تہ پاڻ ڪي ڪنهن جي تڪليف ۾ مبتلا هئڻ جو آواز ايو، ان خيمي جي ٻاهر هڪ شخص وينل هو، پاڻ سلام ڪان بعد ان ڪان حال پڇيائون تہ معلوم ٿيو تہ هو خليفہ وقت (يعني سيدنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہ) ڪان ئي ملڻ آيو آهي، البت ان ڪي هي خبر نہ هئي تہ وقت جو خليفو ان جي سامهون بيٺو آهي- بهرحال ان ٻڌايائين تہ ان جي گهرواري اُميد سان آهي ۽ ٻار جي پيدائش جو وقت قريب آهي- سيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہ پنهنجي گهر موٽيا ۽ پنهنجي زوجہَ محترمہ حضرت سيدتنا اُمِّ ڪلثوم بنت علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہما کي فرمايائون: ڇا توهان ثواب ڪمائڻ چاهيو ٿيون، الله پاڪ ان ڪي خود توهان تائين پهچايو آهي؟ انهن عرض ڪيائون: حضور! ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ پاڻ فرمايائون: هڪ عورت جي ٻار جي ولادت جو وقت قريب آهي ۽ ان وٽ ڪو بہ نہ آهي- عرض ڪيائين: جيڪڏهن اوهان راضي آهيو تہ مان هلان ٿي- فرمايائون: ٺيڪ آهي تون ضروري سامان وغيره کڻي وٺ- جڏهن اتي پهتا تہ پاڻ پنهنجي گهرواريءِ کي اندر موڪليائون ۽ پاڻ ان شخص وٽ ويهي رهيا- ان کي فرمايائون: ٻاهہ ٻار- ان ٻاهہ ٻاري تہ پاڻ ديڳڙي ان جي مٿي رکي چڙهي- جڏهن ڪاڌو پچي ويو تہ ٻئي پاسي ٻار جي ولادت بہ ٿي وئي، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہ جي گهرواريءِ (Wife) اندران اواز ڏنو: اي امير المؤمنين! پنهنجي ساٿي کي پٽ جي خوشخبري ڏيو- جيئن ئي ان شخص لفظ ''**اميرالمؤمنين**'' ٻڌو تہ ڊڄي ويو ۽ عاجزي سان ڪجهہ پوئتي هٽي ويهي رهيو- پاڻ فرمايائون: ''جيئن وينل هيؤ ائين ئي ويهي رهو- پوءِ پاڻ ديڳڙي کڻي پنهنجي زوجہ کي ڏني ۽ فرمايائون: خاتون کي پيٽ ڀري کاراءِ- پوءِ پاڻ ان شخص کي بہ کائڻ جي لاءِ ڏنائون ۽ فرمايائون: سڀاڻي صبح مون وٽ اچجان مان تنهنجي ضرورتن کي پورو ڪندس- جڏهن هو شخص صبح سندن وٽ آيو تہ پاڻ ان جي ٻار جو وظيفو بہ جاري ڪيائون ۽ ان کي بہ مال وغيره عطا ڪيائون-

(التبصرة ، المجلس التاسع والعشرون في فضل۔۔۔الخ، ج۱، ص۴۲۰)

بہارِ باغِ ایمان حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں ۔۔۔ چراغِ بزمِ عرفاں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں
خزانے روم و فارس کے لٹاتے ہیں مدینہ میں ۔۔۔ فیوضِ حق کے باراں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں
مسلماں رات بھر سوئیں عمر فاروق پہرا دیں ۔۔۔ رعایا کے نگہباں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں

## شانِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان! سَيدنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ ڪهڙي نموني حضور نبي رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ڏُکايل اُمّت جي هڪ پريشان حال جي خيرخواهي ڪئي، پنهنجي نگراني ۾ ٻاهه روشن ڪرائي، پنهنجي هٿن سان ديگڙي چڙهائي ۽ ڪاڌي جي ترڪيب ڪئي، پوءِ پاڻ ئي ڪاڌو ڪڍي پنهنجي زوجه محترمه جي ذريعي ان عورت جي لاءِ موڪليو- هي اهي ئي فاروقِ اعظم آهن جن جي ڀاڇي کان شيطان ڀڄندو هو- (بخاري، ڪتاب فضائل اصحاب النبي،باب مناقب عمر بن الخطاب،۲/۵۲۶،حديث: ۳۶۸۳) جي ها! هي اهي ئي فاروقِ اعظم آهن جو جن کي حضورنبي ڪريم،رؤف و رحيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مُبارڪ زبان سان جنّتي هئڻ جي خوشخبري ( Good News) ڏني آهي- (بُخاري،۲/۵۲۵، حديث۳۶۷۹) هي اهي ئي فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ آهن جن جي باري ۾ حضور، سراپا نور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اها دعا فرمائي آهي ته اي الله ڪريم! عُمر بن خطاب جي ذَرِيعي اِسلام کي عزّت عَطا فرماءِ! (ابن ماجه، ڪتاب السنة، فضل عمر، ۱/۷۷، حديث : ۱۰۵) هي اهي ئي فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ آهن جيڪي يتيمن ٻي سهارن ماڻهن جي خير خواهي جي لاءِ راتين جو جاڳي دؤرو ڪندا هئا- هي اهي ئي فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ آهن جن جي راءِ جي مطابق قرآنِ ڪريم جون آيت سڳوريون نازل ٿيون- (تاريخ الخلفاء، ص۹۶، الصواعق المحرقة، ص۹۹) هي اهي ئي فاروقِ اعظم آهن جن جو فرمان آهي لَوْ مَاتَتْ شَاۃٌ عَلٰی شَطِّ الْفُرَاتِ ضَائِعَۃً لَظَنَنْتُ أَنَّ اللہَ تَعَالٰی سَائِلِی عَنْھَا یَوْمَ الْقِیَامَۃِ جيڪڏهن نهرِ فُرات جي ڪناري ٻڪري جو ٻچو به اجايل مئو ته مان ڊڄان ٿو ته الله پاڪ مون کان ان جي باري ۾ حساب نه وٺي- (حلية الاولياء ، ۱/۸۹) هي اهي ئي فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ آهن جيڪي مزارِ مصطفيٰ سان گڏ آرام

فرما آهن، جن کي حضور سراپا نور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنّت جي خوشخبري ٻڌائي-

خدا کے فضل سے میں ہوں گدا فاروقِ اعظم کا　　خدا ان کا محمد مصطفٰے فاروقِ اعظم کا
گلی سے ان کی شیطاں دُم دبا کر بھاگ جاتا ہے　　ہے ایسا رُعب ایسا دبدبہ فاروقِ اعظم کا
شہادت اے خدا! عطّار کو دیدے مدینے میں　　کرم فرما الٰہی! واسطہ فاروقِ اعظم کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! ايتري بلند وبالا شان و شوڪت جي باوجود حضرت سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه پياري آقا، محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت سان خيرخواهي ۾ حاجت روائي ڪري رهيا آهن- لٰهذا جيڪڏهن اسان جو ڪو مسلمان ڀاءُ ڪنهن تڪليف ۾ هجي يا ڪنهن به معاملي ۾ ان کي اسان جي ضرورت هجي ۾ اسان ان جي پريشاني (Distress) پري ڪرڻ جي قدرت به رکون ٿا ته اسان کي به حضرت سَيدُنافاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جي سيرت تي عمل ڪندي پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي خير خواهي ڪرڻ گهرجي- بعض اوقات اِئين به ٿيندو آهي ته اسان پاڻ ان جي مدد ڪرڻ جي طاقت ناهيون رکندا، پر ڪنهن کي چئي ان جي مدد ڪرائي سگهون ٿا ته موقعي مطابق به اهڙي طرح ذڪايل اُمّت جي خيرخواهي ۾ مدد ڪرڻ گهرجي-

حضرتِ سيدنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جي اُمّت جي خير خواهي جا وڌيڪ واقعا به اسان ٻڌنداسين پر ان کان اڳ ۾ اچو! پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جو مختصر تعارف ٻڌو، جيئن ته

## مختصر تعارف

❖ سندن جي ڪُنيت "ابُوحَفص" ۽ لقَب "فارُوقِ اَعظم" آهي- ❖ سندن جي اِسلام قَبول ڪرڻ سان مُسلمانن کي گهڻي خُوشي ٿي ۽ انهن کي تمام وڏو سَهارو ملي ويو، ايستائين جو حُضُور رحمتِ عالَم،جانِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُسلمانن سان گڏجي حَرَمِ مُحترَم ۾ اِعلانيه نَماز اَدا فرمائي- ❖ پاڻ اِسلامي جنگن ۾ مُجاهدانه شان سان شريڪ ٿيا ۽ تمام مَنصُوبه بندين ۾ شاه

خَيرُالاَنام، رسُولِ عالي مَقام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وزير ۽ مُشير جي حَيثيت سان وَفادار ۽ رفيق رهيا- ❖ پاڻ تَختِ خِلافت تي رَونق اَفروز ٿي جانَشيني مُصطَفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سموريون ذِمّيواريون تمام سٺي انداز سان سر اَنجام ڏنيون- ❖ پاڻ مُرادِ رسول هئا (يعني رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دُعائن جي قبوليت جو نتيجو هئا) ❖ سندن جو قلب انوارِ الٰهي سان خوب روشن هو ❖ پاڻ بصيرت ۽ دانشمندي جا روشن چراغ هئا ❖ سندن جي جرئت ۽ بهادري، عاجزي ۽ سادگي، همت ۽ مردانگي، حوصلو ۽ استقامت، ديانت ۽ امانت، ذهانت ۽ فَطانت ۽ صبر جا مثال اڄ به تاريخ جي ورقن ۾ نقش آهن- ❖ پاڻ پنهنجي هڪ هڪ عادت کي سنّتن جو پيڪر بڻائي رکيو هو، مطلب ته پاڻ گفتار ۽ ڪردار جا حقيقي غازي هئا- ❖ نَمازِ فَجر ۾ هڪ بدبخت سندن تي خنجر سان وار ڪيو ۽ پاڻ زَخمن کي نه سهنديَ ٽئين ڏينهن شَرفِ شَهادَت سان سَرفَراز ٿيا- وَفات جي وقت سندن جي عُمر شريف 63 سال هئي- ❖ حضرتِ سَيدُنا صُهيب رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡه سندن نَمازِ جنازه پڙهائي ۽ سندن کي روضه مُبارَڪ جي اندر حضرتِ سيدُنا صِدِّيقِ اَڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡه جي پرسان دفن فرمايو ويو-

(الرّياض النضرة في مناقِب العَشرة ،۱/۲۸۵-۴۰۸-۴۱۸، ملخصاً،ملتقطا)

صحابہ اور اَہلِ بَیۡت کی دل میں مَحبَّت ہے    بفیضانِ رضا میں ہوں گدا فاروقِ اعظم کا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!    صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرالمؤمنين سيدُناعمرفاروقِ اعظم رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡه جي عادت سڳوري هئي ته پنهنجي رِعايا جي هر وقت خبر چار لهندا هئا، عرب جي ريگستان جي سخت اُس ۽ رات جي اونداهي به رِعايا جي خبرگيري کان اوهان کي روڪي نه سگهي- سندن سيرت مبارڪ جا بيشمار اهڙا واقعا آهن، جن ۾ پاڻ پنهنجي رعايا جي خبر گيري ڪندي انهن جي مختلف مسئلن کي حل فرمايو- اچو! ان طرح جا ڪجھ واقعا ٻڌون ٿاجيئن

## ٻُڪايل ٻارن واري خاتون جي فرياد رسي

سيدُنا عمرفاروقِ اعظم رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡه پنهنجي خادم حضرت اسلم رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡه سان گڏ رات جي وقت مديني شريف جو دورو ڪري رهيا هئا، هڪ عورت پنهنجي ٻارن سان پنهنجي گهر ۾ موجود هئي، جيڪا رات جي وقت پنهنجن

ٻارن کي تسلي ڏيڻ جي لاءِ ديڳڙي ۾ پاڻي وجهي چُلهه تي چڙهائي ويني هئي، سيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه ان جي داد رسي فرمائي، پنهنجي ڪلهن تي ڪاڏي جو سامان کڻي آيا، پاڻ پنهنجن هٿن سان پچائي ان عورت جي ٻارن کي کارايو، جيستائين اهي ٻار سمهي نه رهيا، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه اتي ئي رهيا، ان کان پوءِ پاڻ موٽي ويا- ( الكامل في التاريخ،٢/٤٥٣ ملخصاً)

## معذور، نابين، پوڙهي عورت جي مدد

حضرت سيدُنا امام اَوزاعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان روايت آهي ته هڪ پيري رات جي وقت امير المؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه پنهنجي گهران نڪتا ته حضرت سيدُنا طلحه بن عبيد الله رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه انهن کي ڏسي ورتو ۽ خاموشي سان سندن پيڇو ڪرڻ لڳا ته ڏسان امير المؤمنين هن وقت ڪيڏانهن وڃي رهيا آهنِ؟ سيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه هڪ گهر ۾ داخل ٿيا- ڪجهه دير کان بعد ٻاهر آيا ۽ پوءِ هڪ ٻئي گهر ۾ داخل ٿيا- حضرت سيدُنا طلحه بن عبيد الله رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه ان گهر کي ذهن ۾ رکيائون ۽ صبح جو ان گهر ۾ ويا ته ڏٺائون ته ان گهر ۾ هڪ پوڙهي، معذور نابين خاتون رهي ٿي- ان کان پڇيائون: مَا بَالُ هٰذَا الرَّجُلِ يَأْتِيكَ؟ يعني اهو شخص تنهنجي گهر ۾ ڇو تو اچي؟ ان چيائين: اهو شخص مون وٽ ڪافي عرصي کان اچي پيو، (مان جيئن ته معذور آهيان) هو منهنجا گهريلو ڪم ڪار ڪندو آهي، منهنجي تڪليفن کي پري ڪندو آهي-
(حلية الاولياء،عمر بن الخطاب، ١/٨٤)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کي اُمّت جي خير خواهي جو ڪيترو جذبو هو جو مسلمانن جا امير، خَلیفة المُسلِمين هئڻ جي باوجود ماڻهن جي گهرن ۾ وڃي انهن جا گهريلو ڪم ڪار تائين ڪندا هئا- ياد رکو! ڪنهن مسلمان جي تڪليف پري ڪرڻ ۽ مشڪل وقت ۾ ان جي مدد ڪرڻ وڏي سعادت جي ڳالهه آهي- جيڪڏهن اسان پنهنجو هي ذهن ناهيون ته پنهنجي گهروارن، رشتيدارن، گڏ اٿندڙ ويهندڙن، ڪم ڪار ڪرڻ وارن سميت پنهنجي ڪنهن به مسلمان ڀاءُ کي چاهي ان کي سڃاڻندا هجون يا نه، ڪنهن پريشاني ۾ ڏسون ته تورِضاءِ الٰهي ۽ اُمّت جي خيرخواهي جي لاءِ پنهنجي استطاعت جي مطابق ان جي مدد ڪنداسين- ان جي برڪت سان اجر

وثواب سان گڏوگڏ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ پُراَمن معاشرو بڻائڻ ۾ ڀرپور معاونت ملندي-

شيخ الحديث حضرت علامہ عبد المصطفيٰ اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه هڪ حديثِ پاڪ تحت لکن ٿا: ”پين جو ڀلو چاهڻ“ ۽ هر مسلمان سان ”خير خواهي“ ڪرڻ، ان جي مفهوم ۾ وڏي وُسعَت آهي ۽ حقيقت تہ هي آهي تہ ”هر مسلمان جي خير خواهي“ هي هڪ اهڙو ڀلو عمل آهي جو جيڪڏهن هر مسلمان هن نبوي تعليم کي سيني سان لڳائي ان تي عمل شروع ڪري تہ هڪ دَم مسلمانن جي بگڙيل معاشري ۾ تبديلي ايندي ۽ ”مسلم معاشرو“ آرام و راحت ۽ سڪون و اطمينان جو هڪ اهڙو گهوارو بڻجي وڃي جو دنيا ئي ۾ بِهشت (جنت) جي سڪون ۽ اطمينان جا جلوا نظر اچڻ لڳن- ظاهر آهي تہ جڏهن هر مسلمان پنهنجي زندگي جو اهو مقصد ٺاهيندو تہ مان هر مسلمان جي خير خواهي ڪندس تہ هر قسم جي مڪر۽ فريب، نقصان، تڪليف، ظلم وستم، بُغض و حسد، خِلاف و شِقاق، عِنادو نِفاق، بدخواهي ۽ اِيذا رَساني ۽ سموري قبِيح (بُرين) عادتن (Features) جو مسلمانن جي گهرن مان جنازو نڪري ويندو ۽ هر مسلمان هر هڪ مسلمان جي لاءِ صلاح وفلاح ۽ نفعو پهچائڻ ۽ ڀلائي جي علاوه ڪجھ نہ ڪري سگهندو، نہ ڪجھ سوچي سگهندو، نہ ڪو مسلمان ڪنهن مسلمان سان خيانت ڪندو، نہ چغلي، غيبت ۽ بهتان تراشي جو مرتڪب ٿيندو، نہ ظلم جي ڪنهن پهلو کي بہ پنهنجي خيال ۾ اچڻ ڏيندو، نہ ڪنهن جي نهيل نڪيل ڪم ۾ ٽنگھ آڙائيندو (يعني رڪاوٽ نه وجهندو) بلڪ هو سيني جو ڀلو چاهيندو ۽ سيني سان ڀلائي ڪندو- جنهن جو قدرتي نتيجو هي ٿيندو تہ ماڻهو بہ ان سان خير خواهي ۽ ڀلائي ڪندا ۽ هو بہ هر نُقصان کان محفوظ رهندو ۽ هميشہ ان جو ڀلو ٿيندو رهندو- (منتخب حديثين،ص۲۳۱)

امّتِ محبوب کا یارب بنا دے خیر خواہ　　نفس کی خاطِر کسی سے دل میں میرے ہو نہ بَیر

## خير خواهي جي تعريف

حڪيم الاُمّت حضرت مفتي احمديار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه خيرخواهي جي تعريف لکندي فرمائن ٿا: اصطلاح ۾ ڪنهن جي خالص خير خواهي ڪرڻ جنهن ۾ بدخواهي جو شائبو نہ هجي يا خُلوصِ دل سان ڪنهن جو ڀلو چاهڻ نصيحت (يعني خيرخواهي) آهي- (مراة المناجيح ، ٦/٥٥٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! لفظِ خيرخواهي پنهنجي مفهوم جي لحاظ کان عام آهي مثال طور مسلمانن سان نرمي ۽ ڀلائي سان پيش اچڻ، انهن جي مالي مدد ڪرڻ، انهن جي پريشاني پري ڪرڻ، انهن کي ڪپڙا پارائڻ، انهن کي کاڌو کارائڻ، انهن کي آرام ۽ سڪون مهيا ڪرڻ، انهن جي ضروري خواهشن کي پورو ڪرڻ، شرعي رهنمائي ڪرڻ يا ڪرائڻ، ڀتڪيلن کي سڌي واٽ تي آڻڻ، مطلب تہ ڪنهن بہ طرح سان پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان خيرخواهي ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي- پر افسوس! اجوڪي دور ۾ اسان جي حالت اها آهي جو اسان " یاشیخ اپنی اپنی دیکھ " جي تحت صرف پنهنجا معاملا سُلجهائڻ جي فڪر ۾ رهون ٿا- ❖ اسان جي آس پاس ڪيترا مسلمان پريشان حال آهن، اسان کي ان جو ڪو احساس ناهي ٿيندو- ❖ اهي ماڻهو جن سان اسان جو روزانو واسطو پوي ٿو انهن مان ڪيترا خوش دلي سان ۽ ڪيترا پريشان چهرن سان اسان کي ملن ٿا، اسان ڪڏهن ان تي غور ڪيو؟ ❖ اسان جي سڄاڻپ وارن ۾ ڪيترا ئي قرضن ۾ ڦاٿل آهن بلڪ خاندان ۾ اسان جا ڪيترا رشتيدار غربت ۽ افلاس جي چڪي ۾ پسجي رهيا آهن، اسان کي ان جي ڪا پروا ناهي- ❖ اسان جي پاڙيسرين کي ٻن وقت جو کاڌو بہ نصيب ٿيندو آهي يا نہ، اسان کي ان سان ڪو غرض ناهي، ❖ پائڻ جي لاءِ مناسب ڪپڙا بہ ميسر آهن يا نہ، اسان کي ان سان ڪو مطلب ناهي- ❖ ڪيترن بيمارن جي راتين جي ننڊ ۽ ڏينهن جو سڪون پيسو نہ هئڻ جي ڪري برباد ٿي رهيو آهي، ان طرف اسان جو ڌيان ئي ناهي هوندو- هاڻ تہ بدقِسمتي سان نوبت ايستائين پهچي چڪي آهي جو جيڪڏهن ٻن ماڻهن ۾ جهيڙو ٿئي تہ ٿيون ڇڏائڻ جي بدران **وڊيو يا تصويرون** هن بُري نيت سان ناهي رهيو هوندو آهي تہ ان کي **سوشل ميڊيا** (Social Media) **تي وائرل** (Wiral يعني وڌيڪ عام) **ڪندس-اَلْاَمَان وَالْحَفِيظ**- ڪپي تہ ائين **احترامِ مسلم** جو مظاهرو ڪندي ٻنهن کي نرمي ۽ محبت سان سمجهائي هن معاملي کي ٺڏو ڪري ها- اي ڪاش! هر مسلمان جي **عزّت جي تحفظ جي مدني سوچ** نصيب ٿي وڃي- اٰمِين

**ياد رکو!** هڪ سنو مسلمان اهو ئي هوندو آهي جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪري اهو ئي پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ بہ پسند ڪري- اچو! پنهنجي اندر پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذڪايل اُمّت جي خيرخواهي جو جذبو

بيدار ڪرڻ جي لاءِ(3) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڙدون ٿا.

## خيرخواهي جون فضيلتون

❖ ارشادفرمايائون: ماڻهن جي لاءِ به اهو ئي پسند ڪريو، جيڪو پنهنجي لاءِ ڪريو ٿا ۽ جيڪو پنهنجي لاءِ ناپسند ڪريو ٿا، ان ڪي ٻين جي لاءِ به ناپسند ڪريو، جڏهن توهان ڳالهايو ته چڱي ڳالهه ڪريو يا خاموش رهو-
(مسند احمد بن حنبل ، حديث معاذ بن جبل،٢٦٦/٨،حديث:٢٢١٩٣)

❖ ارشاد فرمايائون: مؤمن ان وقت تائين پنهنجي دِين ۾ رهندو آهي جيستائين پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي خير خواهي چاهيندو آهي ۽ جڏهن ان جي خيرخواهي کان جدا ٿي ويندو آهي ته ان کان توفيق جي نعمت کسجي ويندي آهي- (فردوس الاخبارللديلمي،باب اللام الف،٢/٤٢٩، حديث:٧٤٢٢)

❖ ارشادفرمايائون: دِين مسلمانن جي خيرخواهي ئي آهي، صحابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارَسُولَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڪنهن لاءِ؟ ارشاد فرمايائون: اللّٰه جي لاءِ، ان جي ڪتاب جي لاءِ، ان جي رسول جي لاءِ، مسلمانن جي امامن ۽ عوام جي لاءِ-

(مسلم،ڪتاب الايمان،باب بيان الدين النصيحة، ص٥١ ،حديث: ١٩٦)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل آخري حديثِ پاڪ جي تحت حڪيم الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: ❖ اللّٰه جي لاءِ نصيحت هي آهي ته ❖اللّٰه پاڪ جي ذات و صفات جي باري ۾ خالص اسلامي عقيدو رکڻ، ❖ خلوصِ دل سان ان جي عبادت ڪرڻ، ❖ ان جي محبوبن سان محبت، ❖ دشمنن سان عداوت رکڻ، ❖ ان جي باري ۾ پنهنجا عقيدا خالص رکڻ- ❖ ڪتابُ اللّٰه يعني قرآنِ مجيد جي نصيحت هي آهي ته ❖ ان جي ڪتابُ اللّٰه هئڻ تي ايمان رکڻ، ❖ اَن جي تلاوت ڪرڻ، ❖ ان ۾ بقدرِ طاقت غور (Ponder) ڪرڻ، ❖ ان تي صحيح عمل ڪرڻ- ❖ اللّٰه جي رسول يعني حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نصيحت هي آهي ته ❖ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي تمام نبين جو سردار مڃڻ- ❖ سندن تمام صفتن جو اِعتراف ڪرڻ ❖ جان و مال ۽ اَولاد کان وڌيڪ پاڻ کي پيارو رکڻ ❖ سندن اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ- ❖ سندن ذڪر بلند ڪرڻ- ❖ امامن مان مراد يا ته اسلامي بادشاهه اسلامي حاڪم آهن يا علماءِ

دِين، مجتهدينِ ڪاملين (ءِ) اولياء آهن- انهن جي نصيحت هي آهي تہ ❖ انهن جي هرجائز حڪم جي وس آهر تعميل ڪرڻ ❖ ماڻهن کي انهن جي جائز اطاعتِ ڏانهن رغبت ڏيڻ، ❖ آئمہ مجتهدين جي تقليد ڪرڻ، ❖ انهن سان سٺو گمان رکڻ، ❖ عالمن جو ادب ڪرڻ- ❖ عام مسلمانن جي نصيحت (يعني خيرخواهي) هي آهي تہ  وس آهر انهن جي خدمت ڪرڻ، ❖ انهن کان دِيني ۽ دُنيوي مصيبتون پري ڪرڻ ❖ انهن سان محبت ڪرڻ ❖ انهن ۾ عِلمِ دِين ڦهلائڻ ❖ نيڪ عملن جي رغبت ڏيڻ، ❖ جيڪا شيء پنهنجي لاءِ پسند نہ ڪري ان جي لاءِ پسند نہ ڪرڻ- (مرآة المناجيح ، ٦/ ٥٥٢، ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جي خيرخواهي ڪرڻ جون وڏيون فضيلتون آهن، اهو ئي سبب آهي جو اسان جي بُزرگن جي دلين ۾ اُمّت جي خيرخواهي ۽ غمخواري جو جذبو تمام گهڻو هو، اهي مُقدَّس هستيون پاڻ تڪليف ۾ رهي ماڻهن جي خير خواهي ڪندا هئا ۽ پنهنجي دلين کي راحت (Comfort) پهچائيندا هئا-

## سيدُنا فاروقِ اعظم جي هڪ شرابي کي نصيحت

اميرالمومنين حضرت سيدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْه هڪ ڀيري ملڪ شام جي هڪ بهادر شخص کي تلاش ڪيائون اهو نہ مليو، پاڻ کي ٻڌايو ويو تہ هو شخص شراب جو عادي ٿي ويو آهي- پاڻ پنهنجي ڪاتب (خط/Letter لکڻ واري) کي فرمايائون لکو: عمر بن خطاب جي طرفان فُلاڻي جي نالي! توهان تي سلامتي نازل ٿئي، مان توهان جي متعلق الله پاڪ جو شڪر گذار آهيان جنهن جي سوا ڪو معبود ناهي، جيڪو گناهن کي بخشڻ وارو، توبہ قبول ڪرڻ وارو، سخت سزا ڏيڻ وارو، وڏي انعام وارو آهي، ان جي سوا ڪو معبود ناهي، ان ڏانهن موٽي وڃڻو آهي- پوءِ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْه ان جي لاءِ دعا گهري تہ الله پاڪ ان کي بيماري مان شفا عطا فرمائي، ان جي دل کي ڦيري، ان کي توبہ جي توفيق ڏئي- جڏهن اهو خط قاصد کڻي ان وٽ پهتو، ان شخص خط پڙهيائين تہ چوڻ لڳو: منهنجو ربّ گناهن کي بخشڻ وارو آهي، يقيناً الله پاڪ منهنجي مغفرت جو مون سان واعدو ڪيو آهي ۽ اهو ئي توبہ کي قبول ڪرڻ وارو، ان جي پڪڙ وڏي سخت آهي، الله پاڪ مون کي پنهنجي عذاب سان ڊيڄاريو آهي، هو وڏي انعام وارو آهي ان جو اِنعام خيرِڪثير آهي، ان جي سوا ڪو معبود ناهي، ان ڏانهن موٽي وڃڻو آهي- هو بار بار اهو ئي

چوندو رهيو ايستائين جو زاروقطار روئڻ لڳو- پوءِ ان شراب نوشي کان سچي پڪي توبہ ڪئي ۽ ان کي بلڪل ڇڏي ڏنائين- جڏهن سيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کي اها خبر ملي تہ پاڻ فرمايائون: توهان ماڻهو بہ اهڙي طرح ڪندا ڪريو، جڏهن توهان ڏسو تہ توهان جو ڪو ڀاءُ ٿڪي ويو آهي تہ ان کي سڌي واٽ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ ان ڏانهن خصوصي توجهہ ڪريو، ان جي لاءِ دعا گهرو تہ اللّٰه پاڪ ان کي توبہ جي توفيق عطا فرمائي ۽ ان جي خلاف شيطان جا مددگار نہ بڻجندا ڪريو- (حلية الاولياء، يزيد بن الاصم، ۴/۱۰۲)

سخت گوئی کی مِٹ جائے خصلت نرم گوئی کی پڑجائے عادت
واسطہ خلقِ محبوب کا ہے یاخدا تجھ سے میری دعا ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ! اميرالمؤمنين سيدُناعمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ ماڻهن جي دِيني تربيت ۽ انهن جي اصلاح جي باري ڪيتري ڪوشش ڪندا هئا- يقيناً سيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي اها مدني تربيت سيني جي لاءِ هڪ مشعلِ راهہ آهي، گناهن ۾ مبتلا ڪنهن شخص کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ، اُن کي سڌي واٽ تي آڻڻ جي لاءِ ڪيترو پيارو انداز اِختيار ڪيو ويو آهي، اسان مان هر هڪ پنهنجي باري ۾ غور ڪري تہ مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان منهنجي ڪهڙي حالت هئي، ڏينهن رات گناهن ۾ ڪيئن گذري رهيا هئا، نہ نمازن جو شوق نہ تِلاوت جو ذوق، نہ ماءُ پيءُ جي ادب ۽ اِحترام جو پتو، نہ ننڍن تي شفقت نہ وڏن جو ادب، آخر مون کي بہ ڪنهن پيار محبت سان سمجهايو هوندو، نيڪي جي دعوت ڏني هوندي، منهنجي سُڌرڻ جي لاءِ دُعائون ڪيون هونديون وغيره، تہ اڄ اسان بہ اهڙن جي باري ۾ اهو ئي انداز اِختيار ڪريون تہ جيڪي ماڻهو مسجدن کان پري آهن، علمِ دِين جي روشني کان محروم آهن، بُري ماحول جي ڪري پنهنجون جوانيون برباد ڪري رهيا آهن، اهڙن کي اسان پيار محبت ۽ نرمي سان نيڪي جي دعوت پيش ڪريون، انهن جي لاءِ سڌي واٽ تي اچڻ جي اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ اِخلاص سان دُعا ڪريون-

ڪڏهن تہ اسان پنهنجو ذهن ائين بڻائيندا آهيون تہ هي تہ فُلاڻو آهي، هي تہ منهنجي نيڪي جي دعوت قبول ئي نہ ڪندو، هي تہ مسجد ۾ ايندو ئي نہ، اسان کي اللّٰه پاڪ جي رِضا ۽ ثواب جي لاءِ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو رهڻ

گهرجي، اسان جو ڪم فقط ڪوشش ڪرڻ آهي، ڪاميابي ڏيڻ واري ذات ربِّ ڪائنات جي آهي- سيپارو 27 سُوْرَة الذّٰرِيٰت جي آيت نمبر55 ۾ ربّ ڪريم جو فرمانِ عالي شان آهي:

وَّ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ سمجهاءِ جو سمجهائڻ مسلمانن کي فائدو ڏي ٿو.

مجھے تم یا رسولَ اللہ دے دو جذبۂ تبلیغ
شہا! دیتا پھروں نیکی کی دعوت یا رسولَ اللہ

اميرُالمؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ وقت جو خليفو ۽ بيحد مصروفيتن جي باوجود پنهنجي مجلس ۾ اچڻ وڃڻ واري هڪ هڪ فرد جي غير حاضري کي هڪدم محسوس ڪندا هئا، پوءِ ان کي نظر انداز نه ڪندا هئا بلڪ ان جي باري ۾ معلوم ڪندا هئا ته جيئن جيڪڏهن ان سان ڪو مسئلو (Problem) پيش آيو هجي ته ان کي حل ڪري حاجت روائي ۽ خيرخواهي جو ثواب حاصل ڪريون- بالفرض جيڪڏهن هو بيمار ٿي ويو ته ان جو علاج ڪرايون ته جيئن هو تندرست ٿي وڃي- ڪنهن پريشاني ۾ مبتلا آهي ته ان جي پريشاني پري ڪريون- پر هاءِ! اڄ اسان جي حالت ته هي آهي جو هڪ تعداد آهي جيڪا غير ته ڇا پنهنجي سڳي ڀائرن ڀينرن جي ڪا خير خبر ناهي وٺندي- اسان سان گڏ اٿڻ ويهڻ وارا، آفس ۾ ڪم ڪرڻ وارا دوست احباب، آفيس جي خادمن وغيره مان ڪو غير حاضر ٿئي ته اسان کي معلوم ئي ناهي هوندو ته هو ڪٿي آهي ۽ ڇو نه پيو اچي؟ ۽ نه ئي اسان ڪوشش ڪريون ٿا ته ان جي ڪا خيريت معلوم ڪريون ته ڪٿي ان ويچاري سان ڪا آزمائشي معاملو ته ناهي ٿيو؟ ڪٿي هو بيمار ته ناهي ٿيو؟ ڪاش! اسان به سيرتِ فاروقي تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، تمام مسلمانن جي خيرخواهي ڪرڻ وارا بڻجي وڃون- جيڪڏهن اسان سان گڏ رهڻ وارو، گڏ ڪم ڪرڻ وارو، گڏ نمازون پڙهڻ وارو، نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارو، مدني دوري ۾ شرڪت ڪرڻ وارو، درس ۽ بيان ٻڌڻ وارو، مدني مذاڪري جي پابندي ڪرڻ وارو، هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ وڃڻ وارو مطلب ته ڪو به اسلامي ڀاءُ ڪنهن ڏينهن نه اچي سگهي ته ان جي گهر وڃي يا گهٽ مان گهٽ

فون/واٽس ايپ ڪري ٺي ان جي خيريت تہ دريافت ڪري وٺندا ڪريون۔

اچو! هن باري ۾ اَمِير اهلسنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مَولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جا معمولات ٻڌون ٿا۔

## اَميرِاهلسنت ۽ اُمّت جي خير خواهي

امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه وڏين مصروفيتن جي باوجود اجا بہ مسلمانن سان مختلف انداز سان خيرخواهِي ڪندا رهن ٿا۔ جڏهن ڪنهن جي باري ۾ معلوم ٿيندو آهي تہ هو ڪنهن آزمائش ۾ مبتلا آهي يا بيمار آهي تہ ان جي عيادت ڪندا آهن، بيمارن جي لاءِ شفايابي ۽ پريشان حالن جي پريشاني پري ٿيڻ جون دعائون ڪندا آهن، ڪنهن اسلامي ڀاءُ جو انتقال ٿي وڃي تہ حتي المقدور فون (Phone) ڪري يا صوتي **پيغام**(Voice Message) يا صوري پيغام(Video Message) جي ذريعي انهن جي عزيزن قريبن سان تعزيت ڪن ٿا، مرحوم جي لاءِ بخشش ۽ مغفرت جي دعا ڪندي ۽ خيرخواهي ڪندي گهر ڀاتين کي نيڪي جي دعوت ۽ صبر جي فضيلتن تي مشتمل مدني گلن سان نوازيندا آهن۔

امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اسان کي مدني انعامات جو جيڪو عظيم تحفو عطا ڪيو آهي، هن ۾ بہ هن ڳالهہ جي ترغيب اِرشاد فرمائي آهي، جيئن **مدني انعام نمبر**53 ۾ آهي: ڇا اوهان هن هفتي گهٽ مان گهٽ هڪ مريض يا ڏکايل جي گهر يا اسپتال وڃي سنّت مطابق غمخواري ڪئي؟ ۽ ان کي تحفو (مکتبة المدينه جو شايع ڪيل رسالو يا پمفلٽ) پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ تعويذاتِ عطّاريہ جي استعمال جو مشورو ڏنو؟

امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه صرف پاڻ ئي مسلمانن جي خيرخواهي ناهن ڪندا، بلڪ سندن تربيت ماٽيندڙ بہ اُمّتِ مُسلمہ جي خير خواهي جي جذبي سان سرشار هوندا آهن، جيئن تہ محبوبِ عطار، تاجدارِ مدني انعامات حاجي زم زم رضا عطاري رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي ٻارن جي امڙ جو چوڻ آهي تہ منهنجي ٻارن جي پيءُ کي ڏکايلن جي حاجت روائي ۽ مالي مدد جو گهڻو جذبو هو، پاڻ تہ غريب هئا پر مُخَير اسلامي ڀائرن ذريعي ضَرورتمندن جي مالي مشڪلات حل( Solve) ڪندا هئا ۽ ڏيڪاءُ کان بچڻ جي لاءِ ان کي لڪائڻ جي بہ ترڪيب ڪندا هئا، مون کان بہ لڪائيندا هئا، البت ڪڏهن ڪڏهن ٻاهران معلوم ٿي

ويندو هو- (محبوب عطار کی 122حکایات،۱۲۳ملخصاً)

اهڙي طرح مرحوم نگرانِ شوريٰ، بلبلِ روضہ رسول حاجي محمد مشتاق عطاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه بہ اُمّت جي خيرخواهي ۾ اڳيرا رهندا هئا- سندن سيرت جي خوشبوئن سان لبريز دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”عطار کا پیارا“ جي صفحي نمبر 40 تي آهي: هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ حاجي مشتاق عطاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه منهنجا استاد محترم آهن، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون مدرسة المدينہ بالغان ۾ پاڻ کان درست تلفظ ۽ مخارج سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ سکيو آهي، پاڻ جتي بين بهترين صفتن سان مُزّين هئا، انهنَ مان هڪ هي بہ هئي تہ پاڻ بين جي پريشانين ۽ ڏک درد کي پنهنجو درد سمجهندا هئا، دل ۾ ڪا پريشاني هجي جيڪڏهن انهن کي ٻڌائي ويندي هئي تہ پاڻ هو پنهنجو ڏک سمجهي ايترو پيارو مشورو ڏيندا هئا جو غمگين کي تسلي ملي ويندي هئي جڏهن تہ پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن سان پنهنجي پريشاني بيان نہ ڪندا هئا ۽ هر وقت صبر ۽ شڪر ڪندا هئا- (عطار کا پیارا، ص۴۰)

زباں پر شِکوہ رنج و اَلَم لایا نہیں کرتے نبی کے نام لیوا غم سے گھبرایا نہیں کرتے

هڪ رُڪنِ شوريٰ جو بيان آهي تہ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس ِشوريٰ ۾ شموليت کان ڪجهہ عرصو پوءِ منهنجي ٻارن جي امڙ جي ڳلي ۾ ڪجهہ هن طرح جي تڪليف ٿي جو ڊاڪٽرن آپريشن جي تجويز ڏني- هن آزمائش جي ڪري مان ڪافي پريشان هئس- ان دوران مون کي سڀ کان وڌيڪ فون مرحوم نگرانِ شُوريٰ حاجي محمد مشتاق عطاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ڪيا- پاڻ فون تي فرمائيندا هئا: ڀاءُ گهر ۾ سيني جي طبيعت ڪيئن آهي؟ ٻارن جي امڙ جي طبيعت ڪيئن آهي؟ اوهان مدني ڪمن جو جدول پنهنجي اعتبار سان ٺاهجو، پهريان گهر کي ڏسو، آپريشن( (Operation ڪرايو يا ناهي ڪرايو؟، ڇا رپورٽ آئي؟ گهر وارن جو خيال رکجو- گفتگو جو اختتام هيئن ڪندا هئا: ”منهنجي لاءِ ڪا خدمت هجي تہ ضرور ارشاد فرمايو، ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي تہ ضرور ياد ڪجو-“ ان کان بعد پاڻ خوب دعائن سان نوازيندا هئا- حاجي مشتاق عطاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي دل جوئي ۽ خيرخواهي جو اهو اخلاص ڀريو انداز اڄ بہ ياد اچي ٿو ۽ سندن شفقتن جي مهڪ اڄ بہ منهنجي دل و دماغ کي معطر

ڪندي آهي- (عطار کا پیارا، ص۱۴۲) اچو! پنهنجي ۽ مسلمانن جي لاءِ الله پاڪ کان دعا گهرون ٿا:

جو ہیں بیمار صحّت کے طالب | ان پہ فرما کرم ربِّ غالب
تجھ سے رَحم و کرم کی دُعا ہے | یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے
میری جان آفتوں سے چھڑانا | موذی اَمراض سے بھی بچانا
تجھ کو صدّیق کا واسطہ ہے | یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني مذاڪرو“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۽ اَميرِاهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي صحبت جي برڪت سان ڪهڙي طرح مسلمانن کي پنهنجي مسلمان ڀائرن جي خيرخواهي جو جذبو ملندو آهي- اسان ٻه خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ جو پيڪر بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ، نيڪي جي دعوت ۽ اُمّت مُسلم جي خيرخواهي ۽ غمخواري جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ عاشقان رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي ماحول سان وابسته رهون ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو ونون، ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم ”مدني مذاڪرو“ آهي، هن مدني ڪم جا بيشمار دِيني ۽ دُنيوي فائدا آهن- جيئن، ❖ مَدَني مذاڪري جي بَرَڪت سان گناهن کان نفرت پيدا ٿيندي آهي. ❖ مَدَني مذاڪري سان علمِ دِين حاصل ٿيندو آهي- ❖ مَدَني مذاڪري ۾ دِيني معلومات ملڻ سان گڏوگڏ اَخلاقي تربيت به ٿيندي آهي- ❖ مدني مذاڪري جي برڪت سان اُمّتِ مُسلم جي خيرخواهي جو جذبو نصيب ٿيندو آهي- ❖ مدني مذاڪري جي برڪت سان عاشقانِ رسول جي صحبت نصيب ٿيندي آهي-

اچو! تَرغيب لاءِ هڪ مَدَني بَهار ٻڌو ۽ مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪرڻ جي نِيت ڪريو- جيئن

## گناهن کان توبھ ڪيائين

واه ڪينٽ (پنجاب، پاڪستان) جي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ دعوت اسلامي جي مدني ماحول کان اڳ ڪوڙ نوجوانن جيان مان به ڪافي اَخلاقي بُرائين ۾ مبُتلا هئس- فلمون ڊراما ڏسڻ، ،راند روند ۾ وَقت برباد

ڪرڻ منهنجو محبوب مَشغَلو هو- گهر ۾ مدني چينل هلڻ جي برڪت سان مدني مُذاڪرو ڏسڻ جي سَعادت نصيب ٿي، اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڳوڻن سيني گُناهن کان توبه ڪري فرض ۽ واجب جو عامِل بڻجڻ جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهيان، چهري تي هڪ مُشت ڏاڙهي شريف سجائي ورتي ۽ مدني حُليو به اَپنائي ورتو آهي، الله پاڪ جو وڏيڪ ڪرم هي ٿيو جو والِدَين خوشي سان ''وقفِ مدينه''(دعوتِ اسلامي جي ڪمن لاءِ پيش) ڪري ڇڏيو آهي-

گر سنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ تم آ جاؤ دیگا سکھا مدنی ماحول
تمہیں لطف آجائے گا زندگی کا قریب آکے دیکھو ذرا مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مقروض جي مدد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان اُمّت جي خير خواهي جي باري ۾ بُزرگانِ دِين جا واقعا پڙهي رهيا هئاسين- اسان جا بزرگ سڳورا اُمّت جي خيرخواهي لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا، ۽ خير خواهي جو ڪو به موقعو هٿان وڃڻ نه ڏيندا هئا- اهو ئي سبب آهي ته انهن جي پاڪيزه سيرتن ۽ عمده حسنِ اخلاق جون خوشبوئون اڄ به ماحول کي خوشبودار ڪري رهيون آهن- حضرت سَيِدُنا بهاءُ الدين زڪريا ملتاني سهروردي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه به اُمّتِ مُسلمه جي عظيم خيرخواهن مان هڪ آهن- جُود و سخاوت ۽ مهرباني ۽ شفقت ۾ پاڻ پنهنجو مٽ پاڻ هئا- سندن خزاني جو منهن غريبن ۽ مستحق ماڻهن جي لاءِ هر وقت کليو رهندو هو- محتاج ۽ مسڪين ايندا هئا ۽ سندن دربار مان مالامال ٿي ويندا هئا- هڪ ڀيري پاڻ پنهنجي ڪمري ۾ عبادت ۾ مصروف ها- ڪجھ درويش به سندن وٽ وينل هئا، اوچتو پاڻ پنهنجي مُصَلّي تان اُٿيا ۽ رقم جي هڪ ٿهيلي هٿ ۾ ڪٽي ٻاهر نڪتا- درويش به حيراني جي عالَم ۾ پاڻ سان گڏ هليا، ٻاهر اچي ڏٺائون ڪجھ ماڻهو هڪ غَريبُ الحال شخص کي پنهنجي قرض جي وصولي جي لاءِ تنگ (Disturb) ڪري رهيا آهن ۽ ان شخص وٽ هڪ ٽڪو(يعني ڏيڻ جي لاءِ ڪجھ) به هو- پاڻ قرض خواهن کي سڏي فرمايائون: هي ٿهيلي وٺو ۽ جيترا هن شخص کان وٺڻا آهن ڪيو- هڪ قرض خواه پنهنجي قرض کان

ڪجهه روپيا وڏيڪ ونڻ چاهيا تہ هڪدم ان جو هٿ سڪي ويو- رڙ ڪندي چيائين: حضور! معاف فرمايو، مان وڏيڪ ونڻ کان توبہ ڪيان ٿو- هڪدم ان جو هٿ ٺيڪ ٿي ويو- مَفلوڪ الحال قرضدار سندن کي دعائون ڏيڻ لڳو-

حضرت سَيِدُنا بهاءُالدين زڪريا ملتاني سهروردي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه درويشن سان گڏ واپس موٽيا ۽ فرمايائون: الله پاڪ مون کي ان شخص جي مدد جي لاءِ موڪليو هو- اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلّ! ان جو مطلب پورو ٿي ويو-

(فيضانِ بهاء الدين زڪريا ملتاني،۴۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اسان جا بزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهم اجمعين مسلمانن جي خيرخواهي ڪري انهن جي مشڪلاتَ کي پري ڪندا هئا- پنهنجي طرفان خرچ ڪري انهن جا قرض لاهيندا ۽ انهن جي خوشين جا سبب پيدا ڪندا هئا- پر افسوس! في زمانہ اسان جي حالت اها آهي جو ❖ اسان پنهنجو ڪم ڪرائڻ جي لاءِ ڪڏهن سڳي ڀاءُ کي تڪليف پهچايون ٿا تہ ڪڏهن ڪنهن پاڙيسري کي ❖ ڪڏهن ڪنهن کي ڌمڪي ڏئي پنهنجو ڪم ڪيون ٿا تہ ڪڏهن ڌوڪي بازي سان ٻين کي تنگ ڪندا آهيون ❖ ڪڏهن ڪنهن کي ڌمڪي سان قابو ڪريون ٿا تہ ڪڏهن ڪوڙ ڳالهائي راهہ جي رڪاوٽن کي صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا- بس اسان جي اها ئي ڌُن هوندي آهي تہ پنهنجو ڪم ٿيڻ گهرجي، توڙي جو ان سان ٻئي جو نهيل ڪم بگڙي وڃي-

**ياد رکو!** دينِ اسلام انسانيت جو سڀ کان وڏو خير خواهہ آهي ۽ پنهنجي مڃڻ وارن کي بہ ٻين سان خير خواهي ڪرڻ ۽ انهن سان ڀلائي ڪرڻ جي تعليم ڏئي ٿو- مسلمانن جي خيرخواهي ۾ مشغول رهڻ جتي دنيا ۽ آخرت ۾ سعادت جو سبب آهي، اتي رحمتِ الهي حاصل ڪرڻ جو بہ ذريعو آهي جيئن تہ نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: وَاللهُ فِي عَوْنِ الْعَبْدِ مَا كَانَ الْعَبْدُ فِي عَوْنِ أَخِيهِ يعني الله پاڪ ٻانهي جي مدد تي رهندو آهي جيستائين ٻانهو پنهنجي ڀاءُ جي مدد تي رهي- (مسلم، ڪتاب الذکر وا لدعاء ---الخ ، باب فضل الاجتماع --- الخ ، ص۱۱۱۰، حديث : ٦٨٥٣)

## مسلمانن جي خيرخواهي

خيرخواهي اُمّت جي جذبي سان سرشار اسان جي بزرگانِ دين مان هڪ

حضرت خواجہ شمسُ الدّين سيالوي چشتي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیه بہ آهن- پاڻ سيال شريف (ضلع گلزارِ طيبہ،سرگوڌا پنجاب) ۾ پنهنجو خانقاهي نظام اعليٰ پيماني تي قائم ڪيائون ۽ سلسلہ عاليہ چشتيہ نظاميہ جي خوب اشاعت فرمائي- سندن وٽ لنگر جو خاص اهتمام هوندو هو، تمام زائرين ۽ مسافرن کي ڪاڏو لنگر خاني مان ملندو هو، شهر جي مفلسن ۽ بيڪسن جي لاءِ سندن لنگر جا دروازا هر وقت کليل رهندا هئا- رهڻ جو بہ نهايت سنو انتظام (Arrangement) هو- هر اچڻ واري کي کٽ ۽ بسترا مهيا ڪيا ويندا هئا ۽ جيڪي ماڻهو مستقل خانقاهہ ۾ رهندا هئا، انهن کي ڪپڙا بہ ڏنا ويندا هئا- (فيضانِ شمس العارفين،ص۳۹)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان!حضرت خواجہ شمسُ الدِّين سيالوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیه پنهنجي خانقاهہ ۾ مسلمانن جي حاجت روائي ۽ انهن جي خير خواهي جي لاءِ ڪيترو زبردست نظام ٺاهيو هو، ٿورو سوچيو! اڄ اسان پنهنجي لاءِ اهو پسند ڪريون ٿا تہ اسان کي ڪا تڪليف نہ پهچي، اسان سان سچ ڳالهايو وڃي، اسان جو احترام ڪيو وڃي اسان جا حق مڪمل ادا ڪيا وڃن، اسان کي عزّت و تعظيم جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي، اسان کي پنهنجو جائز مقام ڏنو وڃي، جهڙي طرح اسان اهو سڀ پنهنجي لاءِ پسند ڪريون ٿا،اسان کي پنهنجن مسلمان ڀائرن جي لاءِ بہ انهن شين کي پسند ڪرڻ گهرجي- اهڙي طرح جڏهن اسان پنهنجي لاءِ اهو ناپسند ڪريون ٿا تہ اسان کي ڏوکو ڏنو وڃي، اسان جي غيبت ڪئي وڃي، اسان تي تهمت لڳائي وڃي، اسان جو مال چوري ڪيو وڃي، اسان کان رشوت (Bribe) ورتي وڃي، اسان تي ظلم ڪيو وڃي، ملاوٽ وارو مال خالص چئي وڪڻيو وڃي، اسان جي بي عزّتي ڪئي وڃي، جهڙي نموني اسان اهي سڀ پنهنجي لاءِ ناپسند ڪريون ٿا اسان کي پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي لاءِ بہ انهن شين کي ناپسند ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙين شين کان بچڻ گهرجي-

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيمارن جي عيادت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيمار جي عيادت ڪرڻ بہ خير خواهي جي هڪ صورت آهي- پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي بيماري جو احساس ڪري، دِل جُوئي ۽ دلداري

خاطر پنهنجي مصروفيت مان وقت ڪڍي عيادت جي لاءِ وڃڻ دِين و دنيا جي ڪيئي فائدن جو سبب آهي-

دعوتِ اسلامي جي ذميدارن کي به گهرجي ته هو پنهنجي ماتحتن جي خبرگيري ڪندا رهن، مدني مشورن، سُنّتن ڀري اجتماعن، هفتيوار اجتماع ۽ مدني مذاڪري وغيره ۾ نه اچڻ وارن سان رابطو ڪن، نه اچڻ جا سبب معلوم ڪن، ڪٿي ائين نه ٿئي جو فقط مدني ڪمن جي ڪارڪردگي جي لاءِ ئي اسان هر هر رابطو ڪريون ۽ جڏهن هو ڪنهن مصيبت ۽ آزمائش ۾ مبتلا ٿين ته اسان انهن کان پڇون به نه-

نبي پاڪ،صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: هڪ مسلمان جڏهن پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيادت جي لاءِ ويو ته واپس موٽڻ تائين جنت جا ميوا چوندڻ ۾ رهيو- (مسلم، كتاب البر.. إلخ، باب فضل عيادة المريض،ص١٠٦٥، حديث: ٦٥٥١)

معلوم ٿيو! عيادت ڪرڻ فضيلت ۽ وڏي ثواب وارو ڪم آهي- اسان جا بزرگ سڳورا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهم اجمعين هن وصف ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هئا- ڪڏهن ته اهي فقط ان نيڪ ڪم جي لاءِ ڪيئي ڪيئي ڏينهن جو سفر ڪندا هئا- جيئن سِلسلي رَفاعِيه جي عظيم پيشوا حضرت سَيدُنا امام احمد ڪبيررفاعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي باري ۾ منقول آهي ته هو ڳوٺ جي ڪنهن شخص جي بيماري جو ٻڌندا هئا ته ان وٽ وڃي ان جي عيادت ڪندا هئا جيتوڻيڪ رستو ڪيترو ئي ڊگهو ڇو نه هجي ۽ (ڪڏهن ڪڏهن) اچ وڃ ۾ هڪ به ڏينهن لڳي ويندا هئا، ڪڏهن ائين به ٿيندو هو ته پاڻ رستن تي ويهي نابينن جو انتظار ڪندا هئا جيڪڏهن ڪو ملي ويندو هو ته هٿ پڪڙي ان کي منزل تائين پهچائيندا هئا-

(فيضانِ سيداحمد ڪبير رفاعي،ص١٣)

## وڏي عمر وارن ماڻهن تي شَفقت

حضرت سَيدُنا امام احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جڏهن ڪنهن وڏي عُمر واري شخص کي ڏسندا هئا ته ان جي پاڙي وارن وٽ ويندا هئا ۽ انهن کي سمجهائيندي اها حديثِ پاڪ ٻڌائيندا هئا ته حضور نبي ڪريم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جيڪو پوڙهي مسلمان جي عزّت ڪري ٿو، الله پاڪ ان جي پوڙهائپ جي وقت ڪنهن ٻي کي ان جي عزّت

(Respect) ڪرڻ تي مُقرر ڪندو آهي-
(ترمذي،ڪتاب البر والصله، باب ماجاء في اجلال الڪبير،٣ /٤١١، حديث :٢٠٢٩) (فيضان سيداحمد ڪبيررفاعي ،ص١٤)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اسان جي بزرگن جو اندازِ زندگي ڪيتري قدر بهترين هو جو ڪٿي ڪنهن سان حُسنِ سلوڪ سان پيش ايندا هئا ته ڪڏهن بيمارن جي تيمارداري ڪندا هئا، ڪٿي محتاجن ۽ پريشان حالن جي مدد ڪندا هئا ته ڪٿي نابينن ۽ وڏي عمر وارن ماڻهن جي خَير خواهي ۽ دِلجوئي ڪندا هئا- مطلب اهي حضرات مٺي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن فرمانِ ذيشان: خَيْرُ النَّاسِ اَنْفَعُهُمْ لِلنَّاسِ يعني بهترين شخص اهو آهي جيڪو ماڻهن کي فائدو پهچائي- (جامع صغير، ص٢٤٦،حديث:٤٠٤٤) جي عملي تصوير هوندا هئا-

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن هن پُرفتن دَور ۾ اسان سڀ هڪ ٻي جي غمخواري ۽ غمگساري ۾ لڳي وڃون ته هڪدم دُنيا جو نقشو ئي بدلجي وڃي- اڄ ٻه جيڪڏهن خيرخواهي جي مشڪبار هوا اسان جي معاشري ۾ هلي پوي ته قتل و غارت گري، ڌوڪو ڏيڻ، بدنيتي، چوري چڪاري، ڪوڙ ۽ بدديانتي، غيبت ۽ بدنگاهي جهڙا هزارين ناسُور پنهنجو موت پاڻ مري ويندا- پر هاءِ! هاڻ ته ڀاءُ ڀاءُ سان وڙهي رهيو آهي، اڄ مسلمان جي عزّت وآبرو ۽ ان جي جان ومال مسلمان ئي جي هٿان برباد ٿيندي نظر اچي پيو- الله پاڪ اسان کي نفرتون مٽائڻ ۽ مَحَبَّتون وڌائڻ جي توفيق عطا فرمائي-

## خيرخواهي جون مختلف صورتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! اُمّت مسلمه جي خير خواهي جو جذبو پنهنجي اندر بيدار ڪرڻ جي لاءِ اُمّت جي خيرخواهي جون مختلف صورتون ٻڌون ٿا، جن تي عمل پيرا ٿي اسان اُمّتِ مُسلمه جي خير خواهي ڪرڻ جو عظيم ثواب حاصل ڪري سگهون ٿا، جيئن

❖ **ڪنهن بيمار جي عيادت ڪرڻ خيرخواهي آهي**،فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن مريض جي عيادت ڪئي، جيستائين اهو ويهي نه رهي، درياءِ رحمت ۾ غوطو لڳائيندو رهي ٿو ۽ جڏهن ويهي رهي ته رحمت ۾ ٻڏي ويندو آهي- (مسند امام احمد،مسند جابربن عبدالله ، ٥/٣٠،رقم: ١٤٢٦٤) ❖ **مسلمان جي تڪليف پري ڪرڻ خيرخواهي آهي**، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جيڪو ڪنهن مسلمان جي

تڪليف پري ڪري، الله پاڪ قِيامت جي تڪليفن مان ان جي تڪليف پري ڪندو- (مُسلِم ،ڪتاب البر والصلة ــ الخ ،ص١٠٦٩ حديث:٦٥٧٨) ❖ **مسلمان جي عزّت جي حفاظت ڪرڻ خيرخواهي آهي**، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ جي آبرو کان روڪي (يعني ڪنهن مسلمان جي بي عزت ٿيندي هجي ان منع ڪيو) تہ الله پاڪ تي حق آهي تہ قيامت جي ڏينهن ان کي جهنَّم جي باھ کان بچائي- (شرحُ السنّة ، ٦/ ٤٩٤، حديث: ٣٤٢٢) ❖ **مسلمان جي دل خوش ڪرڻ خير خواهي آهي**، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: فرض کان بعد سڀني عملن ۾ الله پاڪ کي وڌيڪ پيارو مسلمان جي دل خوش ڪرڻ آهي- (اَلْمُعْجَمُ الْكَبِير ، ١١ / ٥٩،حديث: ١١٠٧٩) ❖ **عفوودرگذر سان پيش اچڻ خير خواهي آهي**، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: الله پاڪ ٻانهي جي عفو ودرگذر جي ڪري ان جي عزّت ۾ اضافو ڪندو آهي ۽ جيڪو شخص الله پاڪ جي لاءِ تواضع اختيار ڪري، الله پاڪ ان کي بلندي عطا ڪندو آهي- (مسلم، ڪتاب البر،باب استحباب العفو والتواضع، ص١٠٧١، حديث: ٦٥٩٢) ❖ **نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ خير خواهي آهي**، حضرت ڪعبُ الاحبار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه فرمائن ٿا: جنت الفردوس خاص ان شخص جي لاءِ سينگاري ويندي آهي جيڪو نيڪي جو حڪم ڪري ۽ بُرائي کان روڪي- (تنبيه المغترين، ص٢٣٦) ❖ **غريب مسلمانن جي مدد ڪرڻ خيرخواهي آهي**، ارشاد فرمايائون: جنهن مسلمان ڀاءُ جي حاجت روائي ڪئي، اهو ائين آهي جيئن ان سڄي عمر الله پاڪ جي عبادت ڪئي- (ڪنزالعمال ، ڪتاب الزكوٰة ، باب قضاء الحوائج ـــالخ،٦/١٨٩،حديث: ١٦٤٥٣) ❖ **علم دِين سکڻ سيکارڻ جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ خير خواهي آهي**، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جيڪو الله پاڪ جي لاءِ علم سکڻ لاءِ نڪري ٿو، الله پاڪ ان جي لاءِ جنت جو دروازو کولي ڇڏيندو آهي ۽ ملائڪ ان جي لاءِ پنهنجا پَر وڇائيندا آهن- (شعب الايمان، باب في طلب العلم،٢/ ٢٦٣، حديث: ١٦٩٩) ❖ **مظلوم جي مدد ڪرڻ خيرخواهي آهي**، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن ڪنهن غمزده مومن جي مشڪل پري ڪئي يا ڪنهن مظلوم جي مدد ڪئي تہ الله پاڪ ان شخص جي لاءِ 73 مغفرتون لکي ڇڏيندو آهي- (شعب الايمان للبيهقي،باب في التعاون علي البرو التقوي،٦/١٢٠، الحديث: ٧٦٧٠ ، بتغير قليل) ❖ **مقروض سان نرمي ڪرڻ خيرخواهي آهي**، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ:جيڪو تنگدست کي مهلت ڏي يا ان جو قرض معاف ڪري الله پاڪ ان کي جهنم جي گرمي کان محفوظ فرمائيندو-(مسندامام احمدبن حنبل، مسند عبدالله بن عباس،١/٧٠٠، حديث : ٣٠١٧) ★**انتقال تي مائٽن**

**سان تعزيت ڪرڻ خيرخواهي آهي،** فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جيڪو ڪنهن غمزده شخص کان تعزيت ڪندو الله پاڪ ان کي تقويٰ جو لباس پارائيندو ۽ روحن جي وچ ۾ ان جي روح تي رحمت فرمائيندو ۽ جيڪو ڪنهن مصيبت زده سان تعزيت ڪندو الله پاڪ ان کي جنت جي جوڙن مان ٻه اهڙا جوڙا پارائيندو جن جي قيمت (سڄي) دنيا به نٿي ٿي سگهي-** (المعجم الاوسط للطبراني، من اسمه هاشم، ٦/ ٤٢٩ ، حديث: ٩٢٩٢)، **مسلمانن کي کاڌو کارائڻ به خيرخواهي آهي،** فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي بک مٽائڻ جو اَهتمام ڪري ۽ ان کي کاڌو کارائي ايستائين جو هو سير ٿي وڃي ته الله ڪريم ان جي مغفرت فرمائيندو-** (مجمع الزوائد ،ڪتاب الزکاۃ، باب فيمن اطعم مسلما اوسقاہ ، ج٣، رقم ٤٧١٩، ص٣١٩)

الله پاڪ اسان کي مسلمانن جي خيرخواهي ڪرڻ وارو بڻائي-
اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني بستہ مجلس جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي ڪم و بيش 104 شُعبن ۾ پنهنجي خدمتون سر انجام ڏئي رهي آهي-انهن مان هڪ اهم شعبو "مدني بستہ مجلس" به آهي- "مدني بستہ مجلس" مدني عطيات گڏ ڪرڻ جي لاءِ ڊونيشن سيل/ڊونيشن ڪاؤنٽر(ٽيبل ڪرسي) / مدني عطيات جي لاءِ جهوليون لڳائيندي آهي- ان جي لاءِ هفتيوار سنّتن ڀري اجتماعات، جمعة المبارڪ، مدني مذاڪره ۾ هجوم واري هنڌن مثال طور لاري اڏو، سبزي منڊي، جمعہ بازار ۽ مارڪيٽن ۾ مدني عطيات جا بستا لڳايا ويندا آهن-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو- تاجدارِ رسالت، شَهنْشاهِ نُبُوتصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي

اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو- (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانی،۱/۵۵،حديث:۱۷۵)

سینہ تِری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تُم اپنا بنانا

## مهمان نوازي جون سنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! مهمان نوازي جون سُنتون ۽ آداب ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا- پهريان (3) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪريو-(1)جيڪو شخص (قدرت باوُجُود) مهمان نوازي نٿو ڪري ان ۾ ڀلائي ناهي- (مُسند احمد ،٦/ ١۴٢،حديث: ١٧۴٢۴) (2) انسان جي ڪم عقلي آهي ته هو پنهنجي مهمان کان خدمت وٺي- (اَلْجامِعُ الصَّغير،ص٢٨٨،حديث :۴٦٨٦) (3) سنّت هي آهي ته انسان مهمان کي دروازي تائين رخصت ڪرڻ وڃي- (ابن ماجه،۴/۵٢، حديث:٣٣۵٨) ❖ مهمان کي گهرجي ته پنهنجي ميزبان جي مصروفيتن ۽ ذِمّيدارين جو لحاظ رکي- ❖ صَدرُالشّريعه حضرت مفتي محمد امجدعلي اعظميرَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مهمان لاءِ چار ڳالهيون ضَروري آهن: (١) جتي ويهاريو وڃي اتي ويهي- (٢) جيڪو ڪجهه ان جي اڳيان پيش ڪيو وڃي ان تي خوش ٿئي، (ائين نه ٿئي جو چوڻ لڳي: ان کان سٺو ته مان پنهنجي ئي گهر کائيندو آهيان يا اهڙي قسم جا ٻيا لفظ)- (٣) ميزبان کان اجازت وٺڻ بِغير اتان نه اٿي ۽ (۴) جڏهن اتان کان وڃي ته ان جي لاءِ دُعا ڪري- (عالمگيري،۵/٣۴٣) ❖ گهر يا کاڌي وغيره جي مُعامَلات ۾ ڪنهن قسم جي تنقيد نه ڪري، ۽ نه ئي ڪوڙي ساراهه- ميزبان به مهمان کي ڪوڙ جي خطري ۾ وجهندڙ سُوال نه ڪري مثال طور چوڻ اسان جو کاڌو ڪيئن هو؟ اوهان کي پسند آيو يا نه؟ اهڙن موقعن تي جيڪڏهن نه پسند هئڻ جي باوُجُود مِهمان مُرَوَّت ۾ کاڌي جي ڪوڙي تعريف ڪندو ته گنهگار ٿيندو- ان طرح جو سُوال به نه ڪري ته ”اوهان پيٽ ڀري کاڌو يا نه؟“ چوته اتي به جواب ۾ ڪوڙ جو انديشو آهي چوته عادت ڪم خوري يا پرهيزي يا ڪنهن به مجبوري تحت گهٽ کائڻ جي باوُجُود اصرار ۽ تڪرار کان بچڻ جي لاءِ مِهمان کي چوڻو پئجي وڃي ته ”مون گهڻو کاڌو آهي-“ ❖ ميزبان کي گهرجي ته مهمان کي وقت بوقت چوي ته ”اچا کائو“ پر ان تي اِصرار نه ڪري- (عالمگيري،۵/٣۴٣) ڪٿي اِصرار جي ڪري ايترو وڌيڪ نه کاڌو وڃي جو ان جي لاءِ

نقصان ده هجي- ❖ ميزبان کي بالکل خاموش نہ رهڻ گهرجي ۽ ائين بہ نہ ڪرڻ گهرجي تہ ڪاڏو رکي غائب ٿي وڃي بلڪ اتي حاضر رهي- (عالمگيري،۵/۳۴۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"سنتين۽آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آهي.

## ايندڙ هفتہ وارا اجتماع جون جهلڪيون

منا منا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ايندڙ هفتہ وار اجتماع جي بيان جو موضوع آهي"مصيبتن تي صبر جو ذهن ڪيئن ٺهجي" هن بيان ۾ اسان ٻڌنداسين، حديث سڳورين ۾ مصيبتن تي صبر ڪرڻ جون ترغيبون ۽ فضائل، مصيبتن تي صبر ڪرڻ ۽ رضاءِ الاهي تي راضي رهڻ جي تعلق سان بزرگانِ دين رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن جو ڪهڙو زبردست مدني ذهن هو، ان جون بہ ڪجهہ جهلڪيون، مصيبت جي وقت بي صبري ڪرڻ جون ڪجهہ مثالون بہ بيان ٿينديون. مصيبت تي صبر جو ذهن ٺاهڻ جا 7 طريقا بہ بيان ڪيا ويندا، تنهنڪري ايندڙ جمعرات بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪيو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ انفرادي ڪوشش ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪيو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرت سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

[1] …القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2] …افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] …القول البديع، الباب الاول، ص125

[4] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَیِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305